مدني چينل ڏسندا رهو

# 163 مَدَني گُل

سنڌي ترجمو




- پاڻي پيئڻ جا 13 مَدَني گُل 2
- ڪلوخ جون 15 سُنّتون ۽ ادب 5
- تيل لڳائڻ ۽ ڪنگهي ڪرڻ جا 19 مَدَني گُل 10
- زُلف ۽ مٿي جي وارن وغيره جا 22 مَدَني گُل 16
- لباس جا 14 مَدَني گُل 21
- عمامي جا 25 مَدَني گُل 25
- مُنڊي پائڻ جا 20 مَدَني گُل 30
- مسواڪ جا 20 مَدَني گُل 34
- قبرستان جي حاضري جا 16 مَدَني گُل 37



شيخ طريقت، امير اهلسنت، باني دعوت اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه



مكتبة المدينة
(دعوت اسلامي)

شيخ طريقت، امير اهسلنت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامہ

دامت برکاتهم العالیه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جن جو اُردو زبان ۾ تحريري بيان

# 163 مَدني گُل

## مجلسِ تراجِم

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته **مجلس تراجم** کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران

پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

فون نمبر: 021_34921389_90_91

*E-mail: majlistarajim@dawateislami.net*

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# 163 مَدَني گُل

**شيطان پلي ڪيتري به سستي ڏياري پر هي رسالو اول تا آخر پڙهي وٺو، اِن شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ڪافي سنتون سيکڻ لاءِ ملنديون.**

## دُرود شريف جي فضيلت

**سرڪار مدينه، راحتِ قلب و سينه، صاحبِ مُعَطَّر پسينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان عاليشان آهي: اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب مان جلدي نجات حاصل ڪرڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن توهان مان دنيا ۾ مون تي ڪثرت سان دُرود شريف پڙهيو هوندو.**

(الفردوس بماثور الخطاب ج 5 ص 277 حديث 8175)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مختلف عنوانن تي مدني گُل قبول فرمايو، پيش ڪيل هر هر مدني گل کي سنتِ رسولِ مَقبول عَلٰي صَاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي مَحمول نه فرمايو (يعني سنتِ رسول نه سمجهو) هن ۾ سنتن کان علاوه بُزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللهُ المُبِين کان نقل ڪيل مدني گل به شامل آهن. هي مسئلو ياد رکو ته جيستائين يقيني طور تي معلوم نه هجي ڪنهن عمل کي "سنتِ رسول" نٿا چئي سگهون.**

**هن رسالي جا سيئي مدني گل هر مسلمان جي لاءِ قابلِ**

قبول آهن ۽ ان جي مطابق عمل ڪرڻ تي جنت حاصل ٿيڻ جي اميد آهي. مُبَلِّغَن ۽ مُبَلِّغات جي خدمت ۾ عرض آهي ته پنهنجي سنتن ڀريي بيان جي آخر ۾ موقع مناسبت جي لحاظ کان هن رسالي ۾ ڏنل ڪنهن به هڪ عنوان جا مدني گل بيان فرمايو، هر عنوان کان پهرين ۽ بعد ۾ ڏنل سِنتون به پڙهي ٻڌايو.

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (ابن عساکر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”ڪرم يارسولَ الله“ جي تيرهن اکرن جي نسبت سان پاڻي پيئڻ جا 13 مدني گل

ٻه فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ❁ اُٺ وانگر هڪ ئي ساهي ۾ نه پيو، بلڪ ٻه يا ٽي ڀيرا (ساهه کڻي) پيئو ۽ پيئڻ کان اڳ ۾ بِسۡمِ الله پڙهو ۽ پيئڻ کان پوءِ اَلۡحَمۡدُ لله چوندا ڪريو. (سنن ترمذي ج 3 ص 352 حديث 1892) ❁ نبيِّ اَڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٽانوءَ ۾

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي.

ساهه ڪڍڻ يا ڦوڪ ڏيڻ کان منع فرمايو آهي ـ (سنن ابي داؤد ج 3 ص 474 حديث 3728) مُفَسّر شَهير، حڪيمُ الاُمت حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیہِ رَحمۃُ الحَنّان هن حديث شريف تحت فرمائن ٿا: ٿانوءَ ۾ ساهه ڪڍڻ جانورن جو ڪم آهي، ۽ ساهه ڪڏهن زهريلو پڻ هوندو آهي انهي ڪري ٿانوءَ مان وات پري ڪري ساهه ڪڍو (يعني ساهه ڪڍڻ مهل گلاس جدا ڪيو) گرم کير يا چانهه کي ڦوڪن سان ٿڌو نه ڪيو بلڪ ڪجهه دير صبر ڪري ڪجهه ٿڌي ٿيڻ تي پيئو (مراٰة ج 6 ص 77) البت دُرود پاڪ وغيره پڙهي شِفا جي نيّت سان دم ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي ❁ پيئڻ کان پهرين بِسۡمِ الله پڙهو ❁ چوسي ڪري ننڍا ننڍا ڍُڪ ڀريو، وڏا ڍُڪ ڀَرڻ سان جگر جي بيماري پيدا ٿيندي آهي ❁ پاڻي ٽئي ساهه ۾ پيئو ❁ ساڄي هٿ سان ۽ ويهي پاڻي پيئو ❁ ڪؤنري وغيره مان وضو ڪيو ته ان جو بچيل پاڻي پيئڻ 70 بيمارين کان شِفا آهي ۽ اهو آبِ زمزم شريف سان مشابهت رکي ٿو، ان ٻنهي (يعني وضو جو بچيل پاڻي ۽ آب زمزم شريف) کان علاوه ٻيو ڪو به پاڻي ٻيهي ڪري پيئڻ مڪروه آهي ـ (فتاويٰ رضويه ج 4 ص 575، ج 21 ص 669) اهي پاڻي قبلي ڏانهن منهن ڪري پيئو ❁ پيئڻ کان پهرين ڏسو ته پيئڻ جي ٿانوءَ ۾ ڪا نقصان واري شيءِ وغيره ته ناهي (اتحاف السادة للزبيدي ج 5 ص 594) ❁ پاڻي پيئڻ کان پوءِ اَلۡحَمۡدُلله چئو ❁ حُجَّةُ الاسلام حضرت سيِّدُنا امام محمد بن محمد غزالي عَلَیہِ رَحمۃُ اللہِ الوَالي فرمائن ٿا:

بِسْمِ الله پڙهي پيئڻ شروع ڪري پهرين ساهي جي آخر ۾ اَلْحَمْدُلله بي ڪان پوءِ اَلْحَمْدُلله رَبِّ الْعٰلَمِيْن ۽ ٽين ڪان پوءِ اَلْحَمْدُلله رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهي. (احياءُالعلوم ج 2 ص 8) ❁ گلاس مان بچيل مسلمان جي اُوبر وارو صاف پاڻي ڪي استعمال لائق هجڻ جي باوجود هرويرو اڇلائڻ نہ کپي ❁ منقول آهي: سُؤرُ الْمُؤمِنِ شِفَاءٌ يعني مسلمان جي اوبر ۾ شِفا آهي . (الفتاويٰ الفقيهة الكبريٰ لابن حجر الهيتمي ج 4 ص 117، كشف الخفاء ج 1 ص 384) ❁ پيئڻ جي ڪجھ گهڙي بعد خالي گلاس ڪي ڏسندا تہ ان جي ديوارن مان ڪجھ قطرا هيٺ جمع ٿي چڪا هوندا ان ڪي بہ پي ڇڏيو.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهارِشريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو　　سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر　　پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺامٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(ابن عساکر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”راهِ مدينه جي مسافر“ جي پندرهن اکرن جي نسبت سان هلڻ جون 15 سنتون ۽ آداب

❁ سيپاري 15 سورهءِ بني اسرائيل آيت نمبر 37 ۾ ارشاد ربُّ العِبَاد آهي:

وَ لَا تَمۡشِ فِى الۡاَرۡضِ مَرَحًا ۚ اِنَّكَ لَنۡ تَخۡرِقَ الۡاَرۡضَ وَلَنۡ تَبۡلُغَ الۡجِبَالَ طُوۡلًا ۝

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ زمين ۾ آڪڙ ڪري نه هل بيشڪ تون زمين کي هرگز چيري نه سگهندين ۽ هرگز پهاڙن جي اوچائي کي نه پهچندين.

❁ دعوت اسلامي جي اشاعتي اداري مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب ”**بهارِ شريعت**“ جلد 3 صفحي 435 تي **فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: هڪ شخص ٻه چادرون پائي تڪبُّر سان هلي رهيو هو ۽ گهمنڊ ۾ هو اهو زمين ۾ داخل ڪيو ويو ۽ اهو قيامت تائين زمين ۾ داخل ڪيو ويندو. (صحيح مسلم ص 1156 حديث 2088) ❁ سروَرِ ڪائنات، شهنشاهِ موجودات صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن ڪڏهن هلندي پنهنجي ڪنهن صحابي جو هٿ پنهنجي مبارڪ هٿ ۾ پڪڙيندا هئا. (المعجم الڪبير للطبراني ج 7 ص 162) ❁ رسولِ

اڪرم، نورِ مُجَسَّم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هلندا هئا ته ڪجهه اڳيان طرف جهڪي هلندا هئا جڻ ته پاڻ مٿانهون کان هيٺ پيا لهن. (الشمائل المحمديہ للترمذي ص 87 رقم 118) ❁ گلي ۾ سون يا ڪنهن به ڌاتو (يعني ميٽل) جي زنجير پائي ماڻهن کي ڏيکارڻ لاءِ گلو کولي هرگز نه هلو ڇو ته هي بيوقوفن، مَغرُورن ۽ فاسِقن جي چال آهي، گلي ۾ سون جي چين يا بريسليٽ (Bracelet) پائڻ مرد جي لاءِ حرام ۽ ٻين ڌاتوئن جي به ناجائز آهي ❁ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ نه هجي ته رستي جي ڪناري وچٿري چال هلو، نه ايترو تيز جو ماڻهن جون نگاهون اوهان ڏانهن ٿين ته تڪڙو تڪڙو ڪيڏانهن وڃي رهيو آهي! نه ايترو آهستي جو ڏسڻ واري کي اوهان بيمار لڳو، اَمرَد جو هٿ نه پڪڙيو، شهوت سان ڪنهن به اسلامي ڀاءُ جو هٿ پڪڙڻ يا مصافحو ڪرڻ (يعني هٿ ملائڻ) يا گلي ملڻ حرام ۽ جهنم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي ❁ رستي تي هلندي بلاضرورت هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ سنت ناهي، هيٺ نگاهه ڪري باوقار طريقي سان هلو. حضرت سيِّدُنا حَسَّان بن اَبي سِنان رَحمَۃُ اللہِ تعالیٰ علیہِ عيد جي نماز لاءِ ويا، جڏهن گهر موٽيا ته گهرواريءَ چوڻ لڳي: اڄ ڪيتريون عورتون ڏٺيون؟ پاڻ رَحمَۃُ اللہِ تعالیٰ علیہِ خاموش رهيا جڏهن ان گهڻو زور ڏنو ته فرمايو: ”گهر مان نڪرڻ کان توهان وٽ واپس موٽڻ تائين مان پنهنجي (پيرن جي) آڱوٺن ڏانهن ئي ڏسي رهيو هئس“ (ڪتاب الورع مع موسوعہ امام ابن ابي الدنيا ج 1 ص 305)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي.

سُبْحٰنَ الله عَزَّوَجَلَّ **الله** وارا رستي تان گذرندي بلا ضرورت خاص ڪري رش جي موقعي تي هيڏانهن هوڏانهن نہ ڏسندا هئا متان ائين نہ ٿئي جو شرعاً جنهن جي اجازت ناهي ان تي نظر پئجي وڃي! هي سندن رَحْمَۃُ اللہ تعالیٰ علیہ جن جي تقويٰ هئي، شرعي مسئلو هي آهي تہ ڪنهن عورت تي اوچتو نظر پئجي وڃي ۽ يڪدم نظر ٻي پاسي ڪري تہ گناهگار ناهي ❁ ڪنهن جي گهر جي صَحن (Balkony) يا دري ڏانهن بلا ضرورت نظر ڪٽي ڏسڻ مناسب ناهي ❁ هلڻ يا ڏاڪڻ تان لهڻ مهل هي احتياط ڪيو تہ جوتن جو آواز پيدا نہ ٿئي، اسان جي پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪي جوتن جو آواز پسند نہ هو ❁ رستي تي بہ عورتون بيٺيون هجن يا وڃي رهيون هجن تہ انهن جي وچ مان نہ گذرو جو حديث پاڪ ۾ هن جي مُمانعت آيل آهي. (ابوداؤد ج 4 ص 480 حديث 5273) ❁ راهہ تان هلندي بيٺي بلڪ ويٺي بہ ماڻهن جي سامهون ٿُڪ اڇلائڻ، نڪ صاف ڪرڻ، ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ڪن ڪنهڻ، بدن جو مَرُ آڱر سان صاف ڪرڻ، پردي جي جڳهہ ڪنهڻ وغيره تهذيب جي خلاف آهي ❁ ڪجهہ ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ رستي تي هلندي جيڪا بہ شيء سامهون آئي ان ڪي لتون هڻندي گذرندا آهن، هي بالڪل غير مُهَذَّب طريقو آهي ائين ڪرڻ سان ڪنهن جو پير زخمي ٿيڻ جو انديشو آهي ۽ اخبار يا لڪائي وارن دٻن، پيڪٽن، ۽ مِنرل واٽر جي خالي بوتلن وغيره ڪي لت هڻڻ بي

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو تہ مون تي بہ پڙهو بيشڪ آءُ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

ادبي بہ آهي ۞ پيادل هلڻ جا اهي قانون جيڪي شريعت جي خلاف نہ هجن انهن جي پاسداري ڪيو، مثلاً گاڏين جي اَچ وَڃ تي رستو پار ڪرڻ لاءِ مُيَسّر هجي تہ ”زَيبرا ڪراسنگ“ يا ”اووَر هيڊ پل“ (يعني رستو پار ڪرڻ واري پل) استعمال ڪيو ۞ جنهن پاسي کان گاڏيون اچي رهيون هجن ان پاسي نهاريندي رستو پار ڪيو، جيڪڏهن اوهان وچ رستي تي آهيو ۽ گاڏي اچي رهي هجي تہ بيهي رهي انهيءَ ۾ وڌيڪ حفاظت آهي، ريل گاڏي جي گذرڻ جي وقت پٽڙي تان گذرڻ پنهنجي موت کي دعوت ڏيڻ آهي ۽ ريل گاڏي کي گهٽو پري سمجهي گذرڻ وارن کي جلدي يا بي خيالي ۾ ڪنهن تار ۾ پير ڦاسڻ جي صورت ۾ مٿان کان ريل گذرڻ جي خطري کي سامهون رکڻ گهرجي ۽ ڪجهہ اهڙين جڳهن تي گذرڻ خلافِ قانون هوندو آهي خاص ڪري اسٽيشن تي، هنن قانونن تي عمل ڪيو ۞ عبادت تي قوت حاصل ڪرڻ جي نيّت سان ڪوشش ڪري روزانو منو ڪلاڪ ذڪر ۽ درود پڙهندي پيادل هلو، صحت ان شاءَ الله عَزَّوَجَلَّ بهتر رهندي هلڻ جو بهتر طريقو هي آهي تہ شروع ۾ 15 منٽ تيز تيز، پوءِ 15 منٽ وچٿري ۽ آخر ۾ 15 منٽ تيز قدم هلو، ائين هلڻ سان سڄي جسم کي ورزش ملندي، اِن شَاءَ الله عَزَّوَجَلَّ هاضمي جو نظام درست رهندو، گيس، قبض، موٽائپ ۽ دل جي بيمارين ۽ بين بيشمار بيمارين کان اِن شاءَ الله

عَزَّوَجَلَّ **حفاظت ٿيندي.**

**هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب** 312 **صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو** 16 **۽** 120 **صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.**

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو　　　سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر　　　پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.** (ابن عساکر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!　　　صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم : مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.

## ”شانِ امام اعظم ابو حنيفه“ جي اٺويهه اکرن جي نسبت سان تيل لڳائڻ ۽ ڪنگهي ڪرڻ جا 19 مدني گل

❁ حضرت سيِّدُنا اَنس رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ فرمائن ٿا: الله عَزَّوَجَلَّ جا محبوب صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مٿي مبارڪ ۾ اڪثر تيل لڳائيندا ۽ ڏاڙهي ۾ ڪنگهي ڪندا هئا ۽ اڪثر مٿي مبارڪ تي ڪپڙو رکندا هئا ايستائين جو اهو ڪپڙو تيل سان تَر رهندو هو. (الشمائل المحمديه للترمذي ص 40) خبر پئي ”سَر بَند“ جو استعمال سنّت آهي، اسلامي ڀائرن کي گهرجي جڏهن به مٿي تي تيل لڳائن، هڪ ننڍو ڪپڙو مٿي تي ٻڌي ڇڏن، ائين اِن شَاءَ الله عَزَّوَجَلَّ ٽوپي ۽ عمامو تيل کان محفوظ رهندا. اَلْحَمْدُ لله سگِ مدينه عُفِیَ عَنہ جو سالن کان ”سر بند“ ٻڌڻ جو معمول آهي ❁ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن جا وار هجن اهو ان جو اِحترام ڪري. (سنن ابي داؤد ج 4 ص 103 حديث 4163) يعني انهن کي ڌوئي، تيل لڳائي ڪنگهي ڪري. (اشعةاللمعات ج 3 ص 617) مٿي ۽ ڏاڙهي جا وار صابڻ وغيره سان ڌوئڻ جنهن جو معمول نه آهي انهن جي وارن ۾ اڪثر ڌپ ٿي ويندي آهي پاڻ کي جيتوڻيڪ ڌپ نه ايندي هجي پر ٻين کي ايندي آهي. وات، بدن ۽ لباس وغيره مان ڌپ ايندي هجي ته انهيءَ حال ۾ مسجد ۾ وڃڻ حرام آهي جو هن سان ماڻهن ۽ فِرشتن کي ايذاء ٿيندو آهي، ها ڌپ لڪيل هجي جيئن بغل جي ڌپ وغيره ته انهيءَ ۾ حرج ناهي ❁ حضرت سيِّدُنا نافِع رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُ کان روايت آهي:

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم : جنهن ڪتاب ۾ مون تي درود شريف لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا.

حضرت سيِّدُنا ابن عمر رَضِیَ اللہُ تَعَالٰی عَنْہُما ڏينهن ۾ ٻه ڀيرا تيل لڳائيندا هئا. (مصنف ابن ابي شيبه ج 6 ص 117 ) وارن ۾ تيل جو گهڻو استعمال خاص ڪري عِلم وارن لاءِ مفيد آهي جو هن سان مٿي ۾ خشڪي ناهي ٿيندي، دماغ تَر ۽ حافظو قوي ٿيندو آهي ❁ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جڏهن اوهان مان ڪو مٿي تي تيل لڳائي ته ڀِرون کان شروع ڪري، ائين ڪرڻ سان مٿي جو سور ختم ٿئي ٿو (الجامع الصغير للسيوطي ص 28 حديث 369) ❁ "ڪَنزُالعُمّال" ۾ آهي پيارا پيارا آقا مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن تيل استعمال فرمائيندا هئا ته پهرين پنهنجي کاٻي تري تي تيل وجهندا هئا، پوءِ ٻنهي ڀِرون تي، پوءِ ٻنهي اکين تي ۽ پوءِ مٿي مبارڪ تي لڳائيندا هئا.(ڪنزالعمال ج 7 ص 46 رقم18295) ❁ "طبَراني" جي روايت ۾ آهي سرڪار نامدار، مديني جا تاجدار صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن ڏاڙهي مبارڪ کي تيل لڳائيندا هئا ته "عَنۡفَقَہ" (يعني چپ ۽ ڄاڙي جي وچ واري وارن) کان ابتدا ڪندا هئا. (المعجم الاوسط للطبراني ج 5 ص 366 حديث 7629) ❁ ڏاڙهي ۾ ڪنگهي ڪرڻ سنت آهي. (اشعةاللمعات ج 3 ص 616) ❁ بغير بِسۡمِ الله پڙهڻ جي تيل لڳائڻ ۽ وارن کي خشڪ ۽ وکريل رکڻ خلافِ سنت آهي ❁ حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن بغير بِسۡمِ الله پڙهي تيل لڳايو ته 70 شيطان ان ۾ شريڪ ٿي ويندا آهن. (عمل اليوم والليلة لابن السني ج 1 ص 327 حديث 173) ❁ حُجّةُ الاسلام حضرت سيِّدُنا امام محمد بن محمد

غزالي رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ نقل ڪن ٿا، حضرت سيِّدُنا ابوهريره رضی اللہ تعالیٰ عنہ فرمائن ٿا: هڪ دفعي مؤمن جي شيطان ۽ ڪافر جي شيطان ۾ ملاقات ٿي، ڪافر جو شيطان ٿلهو متارو ۽ سٺي لباس ۾ هو، جڏهن ته مؤمن جو شيطان سُڪل هو ۽ وار وِڪريل هئا ۽ اگهاڙو هو، ڪافر جي شيطان مؤمن جي شيطان ڪان پڇا ڪئي: آخر تون ايترو ڪمزور ڇو آهين؟ ان جواب ڏنو: مان هڪ اهڙي شخص سان گڏ آهيان جيڪو کائڻ پيئڻ وقت بِسۡمِ الله شريف پڙهندو آهي ته مان بکايل رهجي ويندو آهيان جڏهن تيل لڳائيندو آهي ته بِسۡمِ الله پڙهندو آهي ته منهنجا وار وِڪريل رهجي ويندا آهن، ان تي ڪافر جي شيطان چيو: مان اهڙي شخص سان گڏ آهيان جيڪو انهن ڪمن مان ڪو به ڪم نٿو ڪري، تنهنڪري مان ان سان کائڻ پيئڻ، لباس ۽ تيل لڳائڻ ۾ شريڪ ٿي ويندو آهيان. (احياءُ العلوم ج 3 ص 45) ❁ تيل لڳائڻ کان پهرين بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي شيشي وغيره سان کابي هٿ جي تري ۾ ٿورو تيل وجهو پوءِ پهرين ساڄي اک جي پِرُون تي تيل لڳايو پوءِ کابي تي، ان کان پوءِ ساڄي اک جي پنبڻن تي پوءِ کابي تي، پوءِ مٿي تي تيل لڳايو، ۽ ڏاڙهي ۾ تيل لڳايو ته چپ ۽ ڄاڙي جي وچ واري وارن کان شروع ڪيو ❁ سَرنهن جو تيل لڳائڻ وارو جڏهن ٽوپي يا عمامو لاهيندو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن ڏپ ايندي آهي جنهن کان ٿي سگهي ته اهو مٿي تي سنو خوشبودار تيل

لڳائي، خوشبودار تيل ناهڻ جو آسان طريقو هي بہ آهي تہ ڪوپري جي تيل ۾ پنهنجي پسند جي عطر جا ڪجھ ڦُڙا وجهي ملايو، خوشبودار تيل تيار آهي، ۽ وارن ۽ ڏاڙهي کي وقت بوقت صابڻ سان ڌوئيندا رهو ❁ عورتن کي لازم آهي جو ڪنگهي ڪرڻ يا وار ڌوئڻ ۾ جيڪي وار جدا ٿين انهن کي ڪٿي لڪائي ڇڏين جو انهن تي ڪنهن ڌارئي (يعني اهو شخص جنهن سان هميشہ لاءِ نڪاح حرام نہ هجي) جي نظر نہ پوي. (بهار شريعت ج 3 ص 449) ❁ **خَاتَمُ الْمُرسَلِین، رَحمَةٌ لِّلعٰلَمِین** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم روزانو ڦڻيءِ ڪرڻ کان منع فرمايو. (ترمذي ج 3 ص 293 حديث 1762) اها منع مڪروهہ تَنزِيهي آهي ۽ مقصد اهو تہ مرد سينگار ۾ مشغول نہ رهي. (بهارشريعت ج 3 ص 592) امام مناوي عَلیہ رحمۃُ القوی فرمائن ٿا: جنهن شخص کي وارن جي ڪثرت سبب ضرورت هجي اهو روزانو ڦڻيءِ ڪري سگهي ٿو . (فيض القدير ج 6 ص 404) ❁ بارگاهِ رضويت ۾ ٿيندڙ سوال جواب ملاحظہ فرمايو: **سوال:** ڦڻيءِ ڏاڙهي ۾ ڪنهن ڪنهن وقت ڪئي وڃي؟ **جواب:** ڦڻيءِ لاءِ شريعت ۾ ڪو خاص وقت مقرر ناهي اِعتِدال (يعني وچٿرائي) جو حڪم آهي، نہ هي تہ ماڻهو جِنن جهڙي شڪل ناهي رهي نہ هي جو هر وقت وارن ۾ لڳو رهي. (فتاويٰ رضويہ ج 29 ص92، 94) ❁ ڦڻيءِ ڪرڻ مهل ساڄي پاسي کان ابتدا ڪيو، اُمُّ المُومِنِين حضرت سيِّدَتُنا عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنۡہَا فرمائن ٿيون: سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هر

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم : جنهن مون تي جمعہ جي ڏينهن بہ سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا بہ سؤ سالن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا .

ڪم ساڄي پاسي کان شروع ڪرڻ پسند فرمائيندا هئا، ايستائين جو جوتا پائڻ، ڦڻيءَ ڪرڻ ۽ طهارت ڪرڻ ۾ بہ (بخاري ج 1 ص 81 حديث 168) شارِح بخاري حضرت علامہ بَدرُالدّين عَيني حنفي رضی اللہ تعالٰی عنہ هن حديث شريف تحت فرمائن ٿا: اهي ٽي شيون مثال جي طور فرمايون، نہ تہ هر اهو ڪم جيڪو عزت ۽ بزرگي وارو آهي اهو ساڄي طرف کان شروع ڪرڻ مُستَحب آهي، جيئن مسجد ۾ داخل ٿيڻ، لباس پائڻ، مِسواڪ ڪرڻ، سُرمو پائڻ، ننهن ڪٽڻ، مڇون ڪٽڻ، بغلن جا وار لاهڻ، وضوء غسل ڪرڻ ۽ بيت الخلاء مان ٻاهر نڪرڻ وغيره ۽ جنهن ڪم ۾ اها (بزرگي وارو) ڳالهہ نہ آهي جيئن مسجد مان ٻاهر نڪرڻ، بيت الخلاء ۾ داخل ٿيڻ، نڪ صاف ڪرڻ، سلوار ۽ ڪپڙا لاهڻ وقت کاٻي طرف کان ابتدا ڪرڻ مُستَحب آهي. (عمدة القاري ج 2 ص 476) ❁ جمعي نماز لاءِ تيل ۽ خوشبو لڳائڻ مستحب آهي (بهارشريعت ج 1 ص774) ❁ روزي جي حالت ۾ ڏاڙهي، مڇن کي تيل لڳائڻ مکروهہ نہ آهي پر ان لاءِ تيل لڳايو جو ڏاڙهي وڏي وڃي، جڏهن تہ هڪ مُٺ ڏاڙهي آهي تہ بغير روزي جي بہ مکروهہ آهي ۽ روزي ۾ بدرجہ اوليٰ. (ايضاً ص 997) ❁ ميّت جي ڏاڙهي يا وارن ۾ ڦڻيءَ ڪرڻ، ناجائز ۽ گناهہ آهي . (درمختار ج 3 ص 104 دارالمعرفة بيروت)

تیل کی بوندیں ٹپکتی نہیں بالوں سے رضاؔ
صبحِ عارِض پہ لٹاتے ہیں ستارے گیسو

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ ان جفا ڪئي.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو — سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر — پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.

(ابن عساکر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي.

## ”زُلفَ رکڻ حضور ڪريم جي سنت آهي“ جي ٻاوِيهہ اکرن جي نسبت سان زلف ۽ مٿي جي وارن وغيره جا 22 مدني گل

❁ **خاتمُ المُرسَلين، رحمةٌ لِّلعٰلمِين** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مبارڪ زُلف ڪڏهن اڌ ڪن مبارڪ تائين تہ ❁ ڪڏهن ڪن مبارڪ جي لَو (يعني پاپڙي) ۽ ❁ ڪڏهن ڪڏهن وڌي ويندا هئا تہ مبارڪ ڪُلهن کي جهومندي چمڻ لڳندا هئا.(الشمائل محمديہ للترمذي ص18، 34، 35) ❁ اسان کي گهرجي تہ موقعو ملڻ تي ٽئي سنتون ادا ڪيون يعني ڪڏهن اڌ ڪن، تہ ڪڏهن سڄي ڪن، تہ ڪڏهن ڪلهن تائين زلفَ رکون ❁ ڪلهن کي ڇهڻ جي حد تائين زلف وڌائڻ واري سنّت جي ادائگي عمومًا نفس لاءِ مشڪل هوندي آهي پر زندگي ۾ هڪ اڌ ڀيري تہ هر سنت ادا ڪرڻ گهرجي، البت اهو خيال رکڻ ضروري آهي وار ڪلهن کان هيٺ نہ وڃن، پاڻي ۾ ڀُسڻ کان پوءِ زُلفَن جي ڊيگهہ سٺي طرح ظاهر ٿيندي آهي، تنهنڪري جڏهن وار وڌايو انهن ڏينهن غسل کان پوءِ ڦڻي هڻي خوب غور ڪيو تہ زُلفَ ڪلهن کان هيٺ تہ نہ ٿا وڃن ❁ منهنجا آقا اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيۡه فرمائن ٿا: عورتن وانگر ڪلهن کان هيٺ وار رکڻ مرد جي لاءِ حرام آهن. (تسهيلاً فتاويٰ رضويہ ج 21 ص 600) ❁ صدرُالشّريعہ بدرُالطّريقہ حضرت علامہ مولانا مفتي امجد علي اعظمي عليہ رحمةُ اللهِ القوي فرمائن ٿا: مرد کي جائز ناهي تہ عورتن وانگر وار وڌائن، ڪجهہ صوفي سڏائيندڙ وڏيون

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہ وسلم : جنهن مون تي درود پڙهڻ وساري ڇڏيو اهو جنت جو رستو ڀلجي ويو.

وڏيون چوٽيون وڌائيندا آهن جيڪي انهن جي سيني تي نانگن وانگر هيڏي هوڏي ٿينديون آهن ۽ ڪجهه چوٽيون ٻه ٻڌندا آهن ۽ جوڙو (يعني عورتن وانگر وار ڪنڌ تي ګڏ ڪري ڳنڍ) لڳائيندا آهن اهو ناجائز ڪم ۽ شريعت جي خلاف آهي، تَصَوُّف وڏا وار رکڻ رنگين ڪپڙا پائڻ جو نالو ناهي، بلڪ حُضورِ اَقدس صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي ۽ نفس جي خواهشن کي ختم ڪرڻ جو نالو آهي (بهار شريعت جلد 3 ص 587) ❁ عورت کي مٿي جا وار بلڪل ڪوڙائڻ حرام آهن. (خلاصواز فتاويٰ رضويه ج 22 ص 664) ❁ عورت کي مٿي جا وار ڪتائڻ جيئن اڄوڪي زماني ۾ عيسائي عورتون ڪوڙائن ٿيون اهو ناجائز ۽ حرام آهي، ۽ اهڙين عورتن تي لعنّت آئي آهي. مڙس ائين ڪرڻ جو چوي تڏهن به اهو حڪم آهي جو عورت انهيءَ سبب گناهگار ٿيندي چو ته شريعت جي نافرماني ۾ ڪنهن (يعني ماءُ پيءُ ۽ مڙس) جو چوڻ نه مڃيو ويندو (بهار شريعت جلد 3 ص 588) ننڍڙين ٻارڙين جا وار به مرداني انداز سان نه ڪٽايو، ننڍپڻ کان ئي انهن کي زنانه وار رکڻ جو ذهن ڏيو ❁ ڪجهه ماڻهو کاٻي يا ساڄي پاسي سينڌ ڪڍندا آهن اهو سنّت جي خلاف آهي ❁ سنّت هي آهي جو جيڪڏهن مٿي جا وار هجن ته وچ مان سينڌ ڪڍي وڃي. (ايضاً) ❁ مرد کي اختيار آهي جو مٿي جا وار ڪوڙائي يا وڌائي ۽ سينڌ ڪڍي . (ردالمحتار ج 9 ص 672) ❁ سرڪار مدينه صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻئي طريقا ثابت آهن .

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي .

جيتوڻيڪ ڪوڙائڻ صرف اِحرام کان ٻاهر ٿيڻ وقت ثابت آهي، ٻين وقتن ۾ ڪوڙائڻ ثابت ناهي . (بهار شريعت جلد 3 ص 586) ۞ اڄڪلهہ قينچي يا مشين جي ذريعي وارن کي مخصوص نموني تي ڪٽي وڏا تہ ڪٽي ننڍا ڪري ڇڏبا آهن اهڙا وار رکڻ سنت ناهي ۞ **فرمانِ مصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن جا وار هجن اهو انهن جو اِڪرام ڪري. (سنن ابي داؤد ج 4 ص 103 حديث 4163) يعني ان کي ڌوئي تيل لڳائي ۽ ڦڻي ڪري ۞ حضرت سيّدنا ابراهيم خليلُ الله عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام سڀ کان پهريان مُڇن جا وار ڪٽيا ۽ سڀ کان پهريان سفيد وار ڏٺا تہ عرض ڪيائون: اي ربّ عَزَّوَجَلَّ اهو ڇا آهي، الله تعالٰي فرمايو: اي ابراهيم اهو وقار آهي، عرض ڪيائون: اي ربّ منهنجو وقار زياده ڪر . (موطا ج 2 ص 415حديث 1756) مُفسر شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان هن حديث پاڪ تحت فرمائن ٿا: اوهان کان پهرين ڪنهن نبي جون يا تہ مڇيون وڌيون نہ يا وڌيون انهن ڪٽايون، پر انهن جي دينن ۾ مڇيون ڪٽڻ جو شرعي حڪم نہ هو هاڻي سندن جي ڪري هي عمل سنت ابراهيمي ٿيو. (مراٰة ج 6 ص 193) ۞ ٻُچي (يعني اهي ڪجهہ وار جيڪي چپ جي هيٺ ڪاڏي جي وچ ۾ هوندا آهن) ان جي آس پاس جا وار ڪٽائڻ يا اکيڙڻ بدعت آهي (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 358) ۞ ڪياڙي جا وار ڪوڙائڻ مڪروهہ آهي. (ايضًا) يعني جڏهن مٿي جا وار نہ ڪوڙايو صرف ڪياڙي جا وار ڪوڙايو، جيئن

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ علیه واٰله وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي .

ڪجهه ماڻهون خط ٺاهڻ مهل ڪياڙي جا وار به ڪوڙائيندا آهن ۽ جيڪڏهن سڄي مٿي جا وار ڪوڙايا ته ان سان گڏ ڪياڙي جا وار به ڪوڙائي ڇڏيو (بهار شريعت جلد 3 ص 587) ❁ چار شين جي متعلق حڪم هي آهي ته دفن ڪيو وڃي، وار، ننهن، حيض جو لَٽو (يعني اهي ڪپڙا جنهن سان عورت حيض جو رت صاف ڪري)، رت (ايضاً ص 588، فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 358) ❁ مرد کي ڏاڙهي يا مٿي جي اڇن وارن کي ڳاڙهو يا هيڊو رنگ ڪرڻ مُستَحب آهي ان جي لاءِ ميندي لڳائي سگهجي ٿي ❁ ڏاڙهي يا مٿي تي ميندي لڳائي سمهڻ سان مٿي وغيره جي گرمي اکين ڏانهن اچي ويندي جيڪا نظر جي لاءِ مُضِرّ (يعني نقصانڪار) آهي، حڪيم جي ڳالهه جي تصديق ائين به ٿي جو هڪ دفعي سگِ مدينه عُفِيَ عنه وٽ هڪ نابين شخص آهيو ان ٻڌايو مان پيدائشي انڌو ناهيان، افسوس مٿي تي ميندي هڻي ستس، پوءِ جڏهن بيدار ٿيس ته منهنجي اکين جو نور ختم ٿي چڪو هو ❁ ميندي لڳائڻ واري جي مُڇَن، چپن جي هيٺان ڏاڙهي جي خط جي ڪناري طرف وارن جي اڇاڻ ڪجهه ڏينهن ۾ ظاهر ٿيڻ لڳي ٿي جيڪا ڏسڻ ۾ سٺي نٿي لڳي، لهٰذا جيڪڏهن هر هر سڄي ڏاڙهي نٿا رنگي سگهو ته ڪوشش ڪريو هر چار ڏينهن کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ ان جڳهين تي جتي جتي اڇاڻ نظر ايندي هجي ٿوري ميندي لڳايو ❁ ”شرح الصدور“ ۾ حضرت سيدنا انس رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم: جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس .

ڪان روايت آهي: جيڪو شخص ڏاڙهي ۾ خضاب (ڪاري خضاب ڪان علاوه مثلاً لال يا زرد ميندي جو) لڳائيندو آهي، انتقال ڪان پوءِ مُنڪَر نَڪِير ان ڪان سوال نہ ڪندا، مُنڪَر چوندو: اي نَڪِير! مان هن ڪان ڇو سوال ڪيان جنهن جي چهري تي اسلام جو نور چمڪي رهيو آهي . (شرح الصدور ص 152)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو　　سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر　　پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب!　　صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(ابن عساڪر ج 9 ص 343)

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

# "مدني حليو اپنايو" جي چوڏهن اکرن جي نسبت سان لباس جا 14 مدني گل

**ٽي فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ۞ جنّ جي اکين ۽ ماڻهن جي اوگهڙ وچ ۾ پردو اهو آهي جو جڏهن ڪپڙا لاهي ته بِسْمِ الله چوي. (المعجم الاوسط للطبراني ج 2 ص 59 حديث 2504) **مُفسّر شهير، حڪيم الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان** عَلَيْهِ رَحْمَةُ الحنّان فرمائن ٿا: يعني جيئن ديوار ۽ پردو ماڻهن جي لاءِ اوٽ (يعني آڙ) بڻجي ٿو ائين ئي الله عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر جنّن جي نگاهن کان اوٽ بڻجندو ته جيئن جنّ ان کي ڏسي نه سگهن. (مراٰة المناجيح ج1ص268) ۞ جيڪو شخص ڪپڙو پائي ۽ پڙهي: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ كَسَانِيْ هٰذَا وَرَزَقَنِيْهِ مِنْ غَيْرِ حَوْلٍ مِّنِّيْ وَلَا قُوَّةٍ [1] ته ان جا اڳيان پويان گناهه معاف ٿي ويندا. (ابوداؤد ج 4 ص 59 حديث 4023) ۞ جيڪو قدرت باوجود سٺا ڪپڙا پائڻ تواضُع (يعني عاجزي) جي ڪري ڇڏي ڏي الله عَزَّوَجَلَّ ان کي قيامت جي ڏينهن ڪرامت جو حُلّو (يعني لباس) پارائيندو. (ايضاً ص 326 حديث 4778) ۞ **خَاتَمُ الْمُرْسَلِين، رَحْمَةٌ لّلْعٰلَمِين** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ لباس اڪثر سفيد ڪپڙي جو هوندو هو . (ڪشف الالتباس في استحباب اللباس للشيخ عبدالحق الدهلوي ص 36)

(1) تمام تعريفون الله جي لاءِ جنهن مونکي هي ڪپڙو پارايو ۽ منهنجي طاقت ۽ قوت بغير مونکي عطا فرمايو

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ واٰلہٖ وسلم :جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو ته ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

۞ لباس حلال ڪمائي مان هجي ۽ جيڪو لباس حرام ڪمائي مان حاصل ٿئي ان ۾ فرض ۽ نفل ڪا نماز قبول ناهي ٿيندي (ايضاً 41) ۞ منقول آهي: جنهن ويهي ڪري عمامو ٻڌيو، يا بيهي ڪري سَراوِيل (يعني پاجامو يا سلوار) پاتي ته الله عَزَّوَجَلَّ ان کي اهڙي مرض ۾ مبتلا فرمائيندو جنهن جي دوا ناهي. (ايضاً 39) ۞ پائڻ مهل ساڄي پاسي کان شروع ڪيو (جو سنت آهي) مثلاً جڏهن ڪُرتو پايو ته پهرين آستين ۾ ساڄو هٿ داخل ڪيو پوءِ کاٻو هٿ کاٻي آستين ۾ (ايضاً 43) ۞ اهڙي طرح پاجامو پائڻ مهل پهرين ساڄي پانچي ۾ ساڄو پير داخل ڪيو ۽ جڏهن (ڪُرتو يا پاجامو) لاهيو ته ان جو خلاف يعني کاٻي پاسي کان شروع ڪيو ۞ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل 1197 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ جلد 3 صفحي 409 تي آهي: سنت هي آهي ته دامن جي ڊيگهه اڌ پني تائين هجي ۽ آستين جي ڊيگهه وڌ مان وڌ آڱرين جي پورن تائين ۽ ويڪر هڪ بالشت هجي ۞ سنت هي آهي مرد جو تهبند (گوڏ) يا پاجامو پيڏين کان مٿي رهي ۞ مرد مردانو ۽ عورت زنانو ئي لباس پائي. ننڍن ٻارن ۽ ٻارڙين ۾ به هن ڳالهه جو لحاظ رکو ۞ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل 1250 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ جلد 1 صفحي 481 تي آهي: مرد جي لاءِ دُن کان هيٺ گوڏن جي

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ عليه واله وسلم : **جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .**

هيٺ تائين عورت آهي يعني ان جو ڍڪيل هجڻ فرض آهي، ڏُن هن ۾ داخل ناهي ۽ گوڏا داخل آهن. (درمختار، ردالمحتارج 2 ص 93) هن زماني ۾ ڪئي اهڙا آهن جيڪي تهبند (گوڏ) ائين پائيندا آهن جو پيڙو (يعني ڏُن جي هيٺ) جو ڪجهه حصو کليل رهندو آهي جيڪڏهن ڪُرتي وغيره سان اهڙي طرح ڍڪيل هجي جو جِلد (يعني کل) جي رنگت نہ چمڪي تہ خير، نہ تہ حرام آهي ۽ نماز ۾ چوٿائي برابر کليل رهي تہ نماز نہ ٿيندي. (بهارشريعت) خاص ڪري حج ۽ عمري جي اِحرام وارن کي هن ۾ سخت احتياط جي ضرورت آهي ۞ اڄڪلهہ ڪجهہ ماڻهو سر عام ماڻهن جي سامهون نيڪر (هاف پينٽ) پائي گهمندا آهن جنهن سان انهن جا گوڏا ۽ رانون نظر ايندیون آهن هي حرام آهي، اهڙن جي کليل گوڏن ۽ رانن ڏانهن نظر ڪرڻ بہ حرام آهي، بالخصوص راند روند جي ميدان، ورزش جي جڳهن ۽ سمنڊ جي ڪناري تي اهڙا منظر گهڻا هوندا آهن . تنهنڪري اهڙن جڳهن تي وڃڻ لاءِ سخت احتياط ضروري آهي ۞ تڪبّر جي طور جيڪو لباس هجي اهو ممنوع آهي . تڪبر آهي يا نہ ان جي سڃاڻپ ائين ڪري جو ان ڪپڙن جي پائڻ کان پهرين پنهنجي جيڪا حالت ڏسي ٿو جيڪڏهن پائڻ کان پوءِ بہ اها ئي حالت آهي تہ خبر پئي ان ڪپڙن ۾ تڪبّر پيدا نہ ٿيو. جيڪڏهن اها حالت باقي نہ رهي تہ تڪبر اچي ويو، تنهن ڪري اهڙن ڪپڙن کان بچي جو تڪبر

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالیٰ علیه واٰله وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءٌ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

بُري صفت آهي. (بهارشريعت ج 3 ص 409، ردالمحتار ج 9 ص 579)

## مَدَني حُليو

ڏاڙهي، زُلفَ، مٿي تي سبز سبز عمامو شريف (سبز رنگ گهڻو ڊارڪ نه هجي) ڪَليَن وارو سفيد ڪُرتو سنت جي مطابق اڌ پني تائين ڊگهو، آستينون هڪ گرانٺ ويڪريون، سيني تي دل واري پاسي کيسي ۾ نمايان مسواڪ، پاجامو يا سلوار پيڏين کان مٿي، ۽ مٿي تي سفيد چادر ۽ مدني انعامات تي عمل ڪندي پردي ۾ پردو ڪرڻ لاءِ ناسي چادر به گڏ هجي ته مدينه مدينه.

اسلامي ڀينرون شرعي پردو ڪن ۽ ضرورتاً بالڪل سادو بغير پرت وارو مدني برقعو پائن.

**دعاءِعطار:** ياالله عَزَّوَجَلَّ! مون کي، ۽ مدني حليي ۾ رهڻ وارن تمام اسلامي ڀائرن ۽ مدني برقعي وارين اسلامي ڀينرن کي سبز سبز گنبذ جي سايي ۾ شهادت، جنت البقيع ۾ مدفن ۽ جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري محبوب جو پاڙو نصيب فرماءِ. ياالله عَزَّوَجَلَّ سڄي امت جي مغفرت فرماءِ.

اُن کا دیوانہ عمامہ اور زُلف و رِیش میں
لگ رہا ہے مَدَنی حُلیے میں وہ کتنا شاندار

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "بهار شريعت" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "سنتيں اور آداب" هديو ڏئي حاصل

ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(ابن عساکر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”عمامو شريف ٻڌڻ سرڪار جي سنت آهي“ جي پنجويهن اکرن جي نسبت سان عمامي جا 25 مدني گل

**ڇهہ فرامين مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: ۞ عمامي سان گڏ بہ رڪعتون نماز (پڙهڻ) بغير عمامي جي ستر 70 رڪعتن کان افضل آهي. (الفردوس بماثور الخطاب ج 2 ص 265 حديث 3233) ۞ ٽوپي تي عمامو

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالىٰ عليه واٰله وسلم : **مون تي درود شريف جي ڪثرت ڪريو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت (يعني پاڪائي) آهي.**

اسان ۽ مشرڪن جي وچ ۾ فرق آهي، هر ورَ جيڪو مسلمان پنهنجي مٿي تي ڏيندو ان کي قيامت جي ڏينهن هڪ نور عطا ڪيو ويندو. (الجامع الصغير للسيوطي ص353 حديث 5725) ۞ **بيشڪ الله** عَزَّوَجَلَّ ۽ ان جا فرشتا درود موڪليندا آهن جمعي جي ڏينهن عمامي وارن تي ـ (الفردوس بماثور الخطاب ج 1 ص 148 حديث 529) ۞ **عمامي سان گڏ** نماز ڏهه هزار نيڪين جي برابر آهي. (ايضاً ج 2 ص 406 حديث 3805 فتاويٰ رضويه ج 6 ص 213) ۞ **عمامي سان گڏ هڪ جمعو بغير عمامي** جي ستر عمامن جي برابر آهي. (ابن عساڪر ج 37 ص 355) ۞ **عمامه** عرب جا تاج آهن تہ عمامہ ٻڌو توهان جو وقار وڌندو ۽ جيڪو عمامو ٻڌندو ان جي لاءِ هر وَر تي هڪ نيڪي آهي. (ڪنزالعمّال ج 15 ص 133، رقم41138) ۞ **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مڪتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد 3 صفحي 660 تي آهي: عمامو بيهي ڪري ٻڌو ۽ پاجامو ويهي پايو، جنهن ان جو اُلٽ ڪيو (يعني عمامو ويهي ٻڌو ۽ پاجامو بيهي پاتائين) اهو اهڙي مرض ۾ مبتلا ٿيندو جنهن جي ڪا دوا ناهي ۞ ٻڌڻ کان پهرين رکي وڃو ۽ سنيون سنيون نيتون ڪيو، جيڪر هڪ بہ سني نيت نہ هئي تہ ثواب نہ ملندو، تنهنڪري گهٽ ۾ گهٽ هڪ نيت ڪري ونو تہ رضاءِ الٰهي جي لاءِ سنت طور عمامو ٻڌان ٿو ۞ مناسب آهي تہ عمامي جو پهريون وَر مٿي جي ساڄي پاسي وڃي (فتاويٰ رضويه ج 22 ص 199) ۞ **خَاتَمُ الْمُرْسَلِين، رَحمَةٌ لِّلْعٰلَمِين** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جي مبارڪ عمامي جو شِملو عموماً پنهنجي مبارڪ پٺي تي هوندو هو ۽ ڪڏهن ساڄي پاسي، ڪڏهن ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ ٻہ شِملہ هوندا هئا، کاٻي پاسي شِملو لٽڪائڻ خلاف سنت آهي . (اشعة اللمعات ج 3 ص 582) ۞ عمامي جي شِملي جو مقدار گهٽ مان گهٽ چار آڱر ۽ وڌ ۾ وڌ (اڌ پٺي تائين يعني تقريباً) هڪ هٿ (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 182) (وچين آڱر جي چوٽي کان نوڙي تائين جي ماپ هڪ هٿ چئبي) ۞ عمامو قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي ٻڌو. (ڪشف الالتباس في استحباب اللباس للشيخ عبدالحق الدهلوي ص 38) ۞ عمامي ۾ سنت هي آهي تہ اڍائي گز کان گهٽ نہ هجي، نہ ڇهہ گز کان وڌيڪ، ۽ ان جي بندش گنبذ نما هجي. (فتاويٰ رضويہ ج22 ص 186) ۞ رومال جيڪڏهن ايترو وڏو هجي جيڪو مٿي کي چڱي طرح ڍڪي تہ اهو عمامو ئي آهي ۽ ننڍو رومال جنهن سان صرف هڪ ٻہ وَر اچي سگهن ٻَڌڻ مڪروهہ آهي. (فتاويٰ رضويہ ج 7 ص 299) ۞ عمامي کي جڏهن نئين سري سان ٻڌڻو هجي تہ جيئن ٻڌيل آهي ائين کوليو ۽ هڪ مهل زمين تي نہ اُڇلايو . (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 330) ۞ جيڪڏهن ضرورتاً لاٿو، ۽ ٻيهر ٻَڌڻ جي نيّت هجي تہ هڪ هڪ پيچ کولڻ تي هڪ هڪ گناهہ مٽايو ويندو . (ملخص از فتاويٰ رضويہ ج 6 ص 214) عمامي جا ڇهہ طبي فائدا ملاحظہ فرمايو: مٿي اگهاڙي رهندڙ جي وارن تي سردي گرمي ۽ اُس وغيره سڌو سنئون اثر ڪندي آهي ان سان نہ صرف وار بلڪ دماغ ۽ چهرو

۾ متاثر ٿيندو آهي ۽ صحت کي نقصان پهچي سگهي ٿو، تنهن ڪري سنت جي پيروي جي نيت سان عمامو شريف ٻڌڻ ۾ ٻنهي جهانن ۾ عافيّت آهي ۞ طِبّي تحقيق مطابق مٿي جي سور لاءِ عمامو شريف پائڻ تمام فائديمند آهي ۞ عمامو شريف پائڻ سان دماغ کي قوت ملندي ۽ حافظو مضبوط ٿيندو آهي ۞ عمامو شريف ٻڌڻ سان دائمي نزلو ناهي ٿيندو يا ٿيندو ته ان جا اثرات گهٽ هوندا آهن ۞ عمامي شريف جو شِملو هيٺين دڙ جي فالج وغيره کان بچائي ٿو ڇو ته شِملو حرام مغز کي موسمي اثرن مثلاً سردي گرمي وغيره کان تحفظ فراهم ڪندو آهي ۞ شِملو "سَرسام" جي مرض جو خطرو گهٽ ڪندو آهي. دماغ جي وَرَم (يعني سوڄا) جي مرض کي سر سام چوندا آهن ۞ مُحَقِّق عَلَي الاِطلاق، خاتِمُ المُحَدِّثِين، حضرت علامه شيخ عبدالحق مُحَدِّثِ دهلوي عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا: دَستارِ آنحضرت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دَر اکثر سفيد بُود و گاهے سِياه اَحياناً سَبز. نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو عمامو شريف اڪثر سفيد، ڪڏهن ڪارو ۽ ڪڏهن سبز هوندو هو. (ڪشف الالتباس في استحباب اللباس ص 38)

الحمدلله عَزَّوَجَلَّ سبز رنگ جو عمامو شريف به سبز سبز گنبذ جي مڪين، رَحمةٌ لِّلعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم به مٿي مبارڪ تي سجايو هو، دعوت اسلامي سبز سبز عمامي کي پنهنجو شِعار بڻايو آهي، سبز سبز عمامي جي ڇا ڳالهه آهي! منهنجي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن درود شريف پڙهندو آءُ قيامت جي ڏينهن ان جي شفاعت ڪندس.

مڪي مدني آقا، مني مني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي روضي پاڪ تي جڳمڳ جڳمڳ ڪندڙ گنبذ شريف بہ سبز سبز آهي! عاشقانِ رسول ڪي گهرجي تہ سبز سبز رنگ جي عمامي سان هر وقت پنهنجي سر کي سر سبز رکن ۽ سبز رنگ تيز هجڻ جي بجاءِ اهڙو پيارو پيارو ۽ صاف صاف سبز هجي جو پري پري بلڪ رات جي اونداهي ۾ بہ سبز سبز جلون جي طفيل نور وسائيندو نظر اچي.

نہیں ہے چاند سورج کی مدینے کو کوئی حاجت
وہاں دن رات ان کا سبز گنبد جگمگاتا ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتیں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالى عليه واله وسلم : جنهن مون تي جمعہ جي ڏينهن ٻہ سؤ ڀيرا درود پاڪ پڙهيو ان جا ٻہ سؤ سالن جا گناھ معاف ڪيا ويندا.

۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (ابن عساکر ج 9 ص 343)

سينہ تری سنّت کا مدينہ بنے آقا
جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”منڊي پائڻ جا ضروري احڪام“ جي ويهن اکرن جي نسبت سان منڊي پائڻ جا 20 مدني گل

۞ مرد کي سون جي منڊي پائڻ حرام آهي . سروَرِ ذيشان، رحمتِ عالمِيان صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سون جي منڊي پائڻ کان منع فرمايو آهي . (بخاري ج 4 ص67 حديث 5863) ۞ (نابالغ) ڇوڪر کي سون جا زيور پارائڻ حرام آهي ۽ جنهن پارايا اهو گنهگار ٿيندو، ائين ٻارن جي هٿ پيرن تي بلا ضرورت ميندي لڳائڻ ناجائز آهي، عورت پنهنجي هٿن پيرن تي ميندي لڳائي سگهي ٿي، پر ڇوڪرن کي لڳائيندي تہ گنهگار ٿيندي. (بهار شريعت ج 3 ص 428، درمختار و ردالمحتار ج 9 ص 598) ڇوڪرين جي هٿن تي ميندي لڳائڻ ۾ حرج ناهي ۞ لوھ جي منڊي جهنّمين جو زيور آهي (ترمذي ج 3 ص 305 حديث 1792) ۞ مرد جي لاءِ اها منڊي جائز آهي جيڪا مردن جي منڊي

وانگر هجي يعني هڪ نگيني جي هجي ۽ جيڪڏهن ان ۾ (هڪ ڪان وڌيڪ يا) گهڻا نگينا هجن تہ پوءِ ڪٽي چاندي جي هجي مَردن لاءِ ناجائز آهي (ردالمحتار ج 9 ص 597) ۞ بغير نگيني واري منڊي پائڻ ناجائز آهي جو هي منڊي ناهي، ڇلو آهي ۞ حُروفِ مُقَطّعَات واري منڊي پائڻ جائز آهي پر حُروفِ مُقطّعات واري منڊي بغير وضو پائڻ ۽ هٿ لڳائڻ يا مصافحو ڪندي مهل هٿ ملائڻ واري جو منڊي ڪي بي وضو هٿ لڳائڻ جائز ناهي ۞ ائين هڪ کان وڌيڪ (جائز) منڊي پائڻ يا (هڪ يا هڪ کان وڌيڪ) ڇلو پائڻ بہ ناجائز آهي جو هي (ڇلو) منڊي ناهي، عورتون ڇلو پائي سگهن ٿيون. (بهارشريعت ج 3 ص 428) ۞ چاندي جي هڪ منڊي هڪ نگ واري جيڪا وزن ۾ ساڍا چار ماشہ (يعني چار گرام 374 ملي گرام) کان گهٽ هجي پائڻ جائز آهي جيتوڻيڪ مُهَر (يعني ٺپي) جي لاءِ نہ هجي پر ان جو ترڪ (يعني جنهن کي استامپ جي ضرورت نہ هجي ان کي نہ پائڻ) افضل آهي مُهَر جي غرض کان نہ صرف جائز بلڪ سنت آهي، ها تڪبُّر يا زنانو سينگار (ليڊيز اسٽائل جو فيشن) يا ٻي ڪنهن غرضِ مَذمُوم (يعني قابل مَذمت مقصد) نيّت ۾ هجي تہ رڳو منڊي ئي نہ بلڪ انهيءَ نيّت سان سنا ڪپڙا پائڻ بہ جائز ناهن. (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 141) ۞ عيدن تي مرد لاءِ چاندي واري جائز منڊي پائڻ مُستَحب آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 779، 780بتصرف) پر مرد اها ئي جائز منڊي پائي ۞ منڊي انهن لاءِ سنّت آهي جن کي مُهَر (يعني استامپ

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہ وسلم : ان شخص جو نڪ مٽيءَ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي.

Stamp لڳائڻ) جي حاجت هجي جيئن سلطان، قاضي ۽ عالم جيڪي فَتوَن تي اسٽامپ لڳائن ٿا، ان کان علاوه ٻين جي لاءِ سنّت ناهي البت پائڻ جائز آهي . (فتاويٰ عالمگيري ج 5 ص 335) ۞ اڄڪلهہ منڊي سان ٺپو لڳائڻ جو عرف (يعني رواج) ناهي، بلڪ ان لاءِ "اسٽام" ٺاهيو ويندو آهي، لِهٰذا جن کي ٺپو نہ لڳائڻو هجي ان قاضي وغيره جي لاءِ منڊي پائڻ سنّت ناهي رهي ۞ مرد کي گهرجي منڊي جو نگينو تري واري پاسي رکي ۽ عورت نگينو هٿ جي پوئين پاسي رکي. (الهدايہ ج 4 ص 367) ۞ چاندي جو ڇلو خاص زنانو سينگار آهي، مردن کي مَڪرُوهہ (تحريمي ناجائز ۽ گناهہ آهي) (فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 130) ۞ عورت سون چاندي جون جيتريون منڊيون ۽ ڇلا چاهي پائي سگهي ٿي هن ۾ وزن ۽ نگينن جو تعداد مقرر ناهي ۞ لوهہ جي منڊي تي چاندي جو خول چاڙهيو لوهہ بلڪل ڏسڻ ۾ نہ اچي تہ ان منڊي جو پائڻ منع نہ آهي (فتاوي عالمگيري ج 5 ص 335) ۞ ٻنهي مان ڪنهن هڪ هٿ ۾ منڊي پائي سگهو ٿا ۽ سڀ کان ننڍي آڱر ۾ پائڻ گهرجي. (ردالمحتار ج 9 ص 596 بهارشريعت حصو 16 ص 70) ۞ منَت (يعني سُکا) يا دم ڪيل ڌاتو (Metal) جو ڪڙو بہ مرد کي پائڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي ائين ۞ مديني پاڪ زادَها اللّٰهُ شَرَفاً وتَعْظِيْماً يا اجمير شريف جا ڇلا ۽ اسٽيل جي منڊي بہ جائز ناهي ۞ بواسير (يعني موڪن جي بيماري) ۽ ٻين بيمارين جي لاءِ دم ڪيل چاندي جا ڇلا بہ مردن لاءِ جائز

نہ آهن ۞ جيڪڏهن اوهان کي بہ ڏاتو جو ڇلو، ناجائز منڊي يا ڏاتو جي زنجير (Chain-Bracelet) پاتل آهي تہ هينئر جو هينئر لاهي ڇڏيو، توبهہ بہ ڪري ڇڏيو ۽ آئنده نہ پائڻ جو عهد بہ ڪيو.

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مکتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب "**بهار شريعت**" حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب "**سنتيں اور آداب**" هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنّتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر پاؤ گے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالىٰ عَلىٰ مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو ! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.** (ابن عساکر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالىٰ عَلىٰ مُحَمَّد

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي .

# ”مسواڪ ڪرڻ سنت مبارڪ آهي“ جي ويهه اکرن جي نسبت سان مِسواڪ جا 20 مدني گل

پهرين ٻه **فرمان مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **ملاحظه** فرمايو:

۞ ٻه رڪعتون مسواڪ (يعني ڏندڻ) ڪري پڙهڻ بغير مِسواڪ جي 70 رڪعتن ڪان افضل آهن . (الترغيب والترهيب ج 1 ص 102 حديث 18)

۞ مِسواڪ جو استعمال پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو ڇو ته هي وات جي صفائي ۽ ربّ تعاليٰ جي رضا جو سبب آهي . (مسند امام احمد بن حنبل ج 2 ص 438 حديث 5869) **دعوت اسلامي** جي اشاعتي اداري **مكتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ جلد پهريون صفحي 288 صدرُ الشّريعه، بدرُ الطريقه، حضرت علامه مولانا مفتي امجد علي اعظمي عليه رحمةُ الله القوي لکن ٿا، مشائخ ڪرام فرمائن ٿا: جيڪو شخص مسواڪ جو عادي هجي ته مرڻ وقت ان کي ڪلمو نصيب ٿيندو، ۽ جيڪو آفيم ڪائي ٿو ان کي ڪلمو نصيب نه ٿيندو ۞ **حضرت سيدنا ابن عباس** رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ ڪان روايت آهي ته مسواڪ ۾ ڏهه خوبيون آهن: وات کي صاف ڪري ٿو، مسوڙن کي مضبوط ڪري ٿو، نظر تيز ڪري ٿو، بلغم ختم ڪري ٿو، وات جي ڌپ ختم ڪري ٿو، سنت جي موافق آهي، فرشتا خوش ٿين ٿا، ربّ عَزَّوَجَلَّ راضي ٿئي ٿو، نيڪي وڌائيندو ۽ معدي کي درست ڪندو آهي . (جمع الجوامع للسيوطي ج 5 ص 249 حديث 14867) ۞ **حضرت سيّدنا عبدالوَهّاب شَعراني** قُدِّسَ سِرُّهُ النّورانِي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ والہٖ وسلم : جنهن مون تي ڏهه ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي سؤ رحمتون موڪليندو آهي .

نقل ڪن ٿا: هڪ ڀيري حضرت سيّدنا ابوبڪر شِبلي بغدادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡهَادِی کي وضو ڪندي وقت مِسواڪ جي ضرورت ٿي، تلاش ڪيائون پر نہ ملي، لهٰذا هڪ دينار (يعني سون جي هڪ اشرفي) ۾ مسواڪ خريد ڪري استعمال فرمائي، ڪجھ ماڻهن چيو: هي تہ اوهان گهڻو خرچ ڪري وڌو! ايتري مهانگي مسواڪ بہ ورتي ويندي آهي؟ فرمايائون: بيشڪ هي دنيا ۽ ان جون تمام شيون الله عَزَّوَجَلَّ وٽ مڇر جي پر برابر بہ حثيت ناهن رکنديون، جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن الله عَزَّوَجَلَّ مون کان هي پڇا ڪري ورتي تہ ڇا جواب ڏيندس تہ تو منهنجي پياري حبيب جي سنت (مسواڪ) کي ڇو ترڪ ڪيو؟ جيڪو مال ۽ دولت مون تون کي ڏنو هو ان جي حقيقت تہ (مون وٽ) مڇر جي پر برابر بہ ناهي، تہ آخر اهڙي حقير دولت کي ان عظيم سنت (مسواڪ) کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڇو نہ خرچ ڪيو وڃي؟ (ملخص از لواقح الانوار ص 38) ۞ سيّدنا امام شافعي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللهِ الۡقوي فرمائن ٿا: چار شيون عقل وڌائينديون آهن: فضول ڳالهين کان پرهيز، مسواڪ جو استعمال، نيڪ ماڻهن جي صحبت، پنهنجي علم تي عمل ڪرڻ (احياءُالعلوم ج 2 ص 27) ۞ مسواڪ پيلو يا زيتون يا نم وغيره جي ڪَوڙي ڪاٺي هجي ۞ مسواڪ جي ٿولهہ ڇيچ جي برابر هجي ۞ ڏندڻ هڪ گرانٺ کان ڊگهو نہ هجي نہ تہ ان تي شيطان ويهندو آهي ۞ ان جا تاندورا نرم هجن جو سخت تاندورا ڏندن

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلّم :جنهن مون تي ڏينهن ۾ پنجاهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو قيامت جي ڏينهن مان ان سان مصافحو ڪندس .

۽ مهارن جي وچ ۾ وٿي (Gap) جو سبب بڻجندا آهن ۞ مسواڪ تازو هجي ته سنو نه ته ڪجهه دير پاڻي جي گلاس ۾ پسائي نرم ڪري ڇڏيو ۞ ان جا تاندورا روزانو ڪٽيندا رهو جو تاندورا ان وقت تائين ڪم جا آهن جيستائين انهن ۾ ڪؤڙاڻ باقي آهي ۞ ڏندن جي ويڪر ۾ ڏندڻ ڪريو ۞ جڏهن به ڏندڻ ڪرڻو هجي ته گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڀيرا ڪريو ۞ هر ڀيري ڌوئي ڇڏيو ۞ ڏندڻ ساڄي هٿ ۾ اهڙي طرح ڪٺو جو چيچ ان جي هيٺان ۽ وچ واريون ٽي آڱريون مٿان ۽ آڱونو چيڙي تي هجي ۞ پهريان ساڄي طرف کان مٿين ڏندن تي ۽ پوءِ کاٻي طرف کان هيٺين ڏندن تي ڏندڻ ڪيو ۞ مسواڪ مٺ ۾ بند ڪري ڪرڻ سان بواسير ٿيڻ جو انديشو آهي ۞ ڏندڻ ڪرڻ وضو ۾ سنّت قبليه (وضو کان پهريان ادا ڪئي ويندڙ سنّتن مان) آهي البت سنّت مؤڪّدَه ان وقت آهي جڏهن وات ۾ بدبو هجي. (ماخوذ از فتاويٰ رضويه شريف ج 1 ص 243) ۞ استعمال ٿيل ڏندڻ جا تاندورا گڏوگڏ خود ڏندڻ جڏهن استعمال جي قابل نه رهي ته اڇلايو نه، جو هي سنّت ادا ڪرڻ جو ذريعو آهي، ڪنهن جڳهه تي احتياط سان رکي ڇڏيو يا دفن ڪري ڇڏيو يا سمنڊ ۾ وجهي ڇڏيو .

(بهارشريعت ج 1 ص 294 مڪتبة المدينه، درمختار و ردالمحتار ج 1 ص 250)

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مكتبة المدينه** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالٰی علیہ والہٖ وسلم: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود پڙهندو آهي الله تعاليٰ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ هڪ قيراط احد پهاڙ جيڏو آهي .

ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو — سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر — پاؤگے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل** ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.** (ابن عساکر ج 9 ص 343)

سینہ تری سنّت کا مدینہ بنے آقا
جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ”قبرن جي زيارت ٻه سنت آ“ جي سورهن اکرن جي نسبت سان قبرستان جي حاضري جا 16 مدني گل

۞ **نبي ڪريم، رَءُوْفٌ رَّحيم** عَلَیهِ اَفضَلُ الصّلوۃِ وَالتَّسلِیم **جو فرمان عظيم آهي:** مون توهان کي قبرن جي زيارت کان منع ڪيو هو، پر هاڻي توهان قبرن جي زيارت ڪيو، ڇوته هي دنيا مان بي رغبتي

فرمانِ مصطفيٰ صلی اللہ تعالیٰ علیہ واٰلہٖ وسلم :جنهن مون تي ڏهه ڀيرا صبح ۽ ڏهه ڀيرا شام درود پاڪ پڙهيو تہ ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي.

جو سبب ۽ آخرت جي ياد ڏياريندي آهي. (ابن ماجہ ج 2 ص 252 حديث 1571)
۞ مسلمان جي قبرن جي زيارت سنت ۽ مزارات اولياءِ ڪرام ۽ شهداءِ عُظام رَحِمَهُمُ اللهُ السّلام جي حاضري وڏي سعادت ۽ انهن کي ايصالِ ثواب مَندوب (يعني پسنديده) ۽ ثواب (فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 532)
۞ (وليُّ الله جي مزار شريف يا) ڪنهن بہ مسلمان جي قبر جي زيارت ڪرڻ لاءِ وڃڻ چاهيو تہ مستحب هي آهي تہ پهرين پنهنجي گهر (غير مڪروهہ وقت) ۾ ٻہ رڪعتون نفل پڙهي، هر رڪعت ۾ سورةُالفَاتِحه کان پوءِ هڪ ڀيرو آيةُالكُرسِى ۽ ٽي ڀيرا سورةُالاِخلاص پڙهي ان نماز جو ثواب صاحبِ قبر کي پهچائي، الله تعاليٰ ان فوت ٿيل شخص جي قبر ۾ نور پيدا ڪندو ۽ ان (ثواب پهچائڻ واري) شخص کي تمام گهڻو ثواب عطا فرمائيندو. (عالمگيري ج 5 ص 350) ۞ مزار شريف يا قبر جي زيارت لاءِ ويندي واٽ تي فضول ڳالهين ۾ مشغول نہ ٿيو. (ايضاً) ۞ قبر کي نہ چُمو، نہ قبر تي هٿ لڳايو. (فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 526،522) بلڪ قبر کان ڪجهہ فاصلي تي بيهي رهو ۞ قبر کي تعظيمي سجدو ڪرڻ حرام آهي ۽ جيڪڏهن عبادت جي نيّت هجي تہ ڪفر آهي. (ماخوذ از فتاويٰ رضويہ ج 22 ص 423) ۞ قبرستان ۾ ان عام رستي کان وڃو جتي ماضي ۾ بہ ڪڏهن ڪنهن مسلمان جون قبرون نہ هيون، "ردالمحتار" ۾ آهي: (قبرستان ۾ قبرون ختم ڪري) جيڪو نئون رستو ناهيو ويو ان تي هلڻ بہ حرام آهي. (ردالمحتار ج 3 ص 612) بلڪ

نئي رستي جو گمان هجي تڏهن بہ ان تي هلڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي . (درمختار ج 3 ص 183) ۞ ڪئين اوليائن جي مزارن تي ڏٿو ويو آهي تہ زائرين جي سهولت خاطر مسلمانن جون قبرون ڊاهي ڪري فرش ٺاهيو ويندو آهي، اهڙي فرش تي ليٽڻ، هلڻ، ٻيهڻ، تلاوت ۽ ذِڪر اَذڪار جي لاءِ ويهڻ وغيره حرام آهي، پري کان ئي فاتحہ پڙهي وٺو ۞ قبر جي زيارت ميّت جي چهري جي سامهون بيهي ڪري ۽ ان (يعني قبر واري) جي پيراندي واري پاسي کان وڃجي جو ان جي نگاهہ سامهون هجي، سيراندي کان نہ اچي جو ان کي مٿو ڪٽي ڏسڻو پوندو. (فتاويٰ رضويہ ج 9 ص 532) ۞ قبرستان ۾ انهيءَ طرح بيهو جو قبلي ڏانهن پُٺ ۽ قبر وارن جي چهري ڏانهن منهن هجي ان کان پوءِ چوي: اَلسَّلَامُ عَلَيۡكُمۡ يَا اَهۡلَ الۡقُبُوۡرِ يَغۡفِرُ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمۡ اَنۡتُمۡ لَنَا سَلَفٌ وَّنَحنُ بِالۡاَثَر يعني: اي قبر وارؤ! توهان تي سلام هجي الله عَزَّوَجَلَّ! اسان جي ۽ توهان جي مغفرت فرمائي، توهان اسان کان پهرين اچي ويا ۽ اسين توهان کان پوءِ اچڻ وارا آهيون . (عالمگيري ج 5 ص 350) ۞ جيڪو قبرستان ۾ داخل ٿي ڪري هي چوي: اَللّٰهُمَّ رَبَّ الاَجۡسَادِ الۡبَالِيَةِ وَالۡعِظَامِ النَّخِرَةِ الَّتِیۡ خَرَجَتۡ مِنَ الدُّنۡيَا وَهِیَ بِكَ مُؤۡمِنَةٌ اَدۡخِلۡ عَلَيۡهَا رَوۡحًا مِّنۡ عِنۡدِكَ وَسَلَامًا مِّنِّی ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ (اي) ڳريل جسمن ۽ بوسيدا هڏين جا ربّ عَزَّوَجَلَّ! جيڪو دنيا مان ايمان جي حالت ۾

فرمانِ مصطفيٰ صلى الله تعالىٰ عليه واله وسلم: جڏهن توهان مرسلين (عليهم السلام) تي درود شريف پڙهو ته مون تي به پڙهو بيشڪ آءٌ سيني جهانن جي ربّ جو رسول آهيان.

لاڏاٽو ڪري تون ان تي پنهنجي رحمت ۽ منهنجو سلام پهچاءِ ته حضرت سيّدنا آدم عَلَيهِ السَّلام ڪان وٺي ڪري ان وقت تائين جيترا مؤمن فوت ٿيا سڀئي ان (يعني دعا پڙهڻ واري) جي لاءِ مغفرت جي دعا ڪندا. (مصنف ابن ابي شيبه ج 8 ص 257) شفيعِ مُجرِمان صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان شفاعت نشان آهي: جيڪو شخص قبرستان ۾ داخل ٿيو پوءِ ان سورةُ الفاتحه، سورة الاِخلاص ۽ سورة التَكاثُر پڙهي پوءِ هي دعا گهري: ياالله عَزَّوَجَلَّ! مون جيڪو ڪجهه قران پڙهيو ان جو ثواب ان قبرستان جي مومن مردن ۽ عورتن کي پهچاءِ، ته اهي تمام مؤمن قيامت جي ڏينهن ان (يعني ايصالِ ثواب ڪرڻ واري) جا سفارشي هوندا. (شرح الصدور ص 311) ۞ حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو يارهن ڀيرا سورةُ الاِخلاص يعني قُل هُوَ اللهُ اَحَد (مڪمل سورة) پڙهي ان جو ثواب مري ويلن کي بخشي ته مُردن جي ڳڻتي برابر ان (يعني ايصال ثواب ڪرڻ واري) کي ثواب ملندو. (درمختار ج 3 ص 183) ۞ قبر جي مٿي اگربتي نه ٻاري وڃي هن ۾ بي ادبي ۽ بد فالي آهي (۽ هن سان ميت کي تڪليف ٿيندي آهي) ها جيڪڏهن (حاضرين کي) خوشبو (پهچائڻ) جي لاءِ (لڳائڻ چاهيو ته) قبر وٽ خالي جڳهه هجي اتي لڳايو جو خوشبو پهچائڻ محبوب آهي. (فتاويٰ رضويه ج 9 ص 525، 582) ۞ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه هڪ ٻي جڳهه تي فرمائن ٿا: ”صحيح مسلم شريف“ ۾ حضرت عَمرو بن عاص رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنْهُ کان مروي آهي، انهن مرڻ وقت پنهنجي فرزند

**فرمانِ مصطفيٰ** صلى الله تعالیٰ عليه واٰله وسلم : **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پڙهو توهان جو درود مون وٽ پهچندو آهي .**

ڪي فرمايو: جڏهن مان مري وڃان تہ مون سان گڏ نہ ڪو نوحو ڪرڻ (يعني روڄ راڙي) واري وڃي نہ ئي آگ . (صحيح مسلم ص 75 حديث 196) ۞ قبر تي ڏيئو يا ميڻ بتي وغيره نہ رکو جو اهي آگ آهن، قبر تي آگ رکڻ سان ميّت کي اَذِيّت (يعني تڪليف) ٿيندي آهي، ها رات ۾ راهہ هلندڙن جي لاءِ روشني مقصود هجي تہ قبر جي هڪ پاسي خالي زمين تي ميڻ بتي يا ڏيئو رکي سگهو ٿا .

هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب ”سنتيں اور آداب“ هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو **دعوت اسلامي** جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو — سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہے نبی کی نظر قافلے والوں پر — پاؤگے راحتیں قافلے میں چلو

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هي رسالو پڙهي ڪري ٻين کي ڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبة المدينہ تان شايع ٿيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو گراهڪن کي ثواب جي نيّت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو اخبار جي هاڪر يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو.

طالب غم مدينہ
بقيع ومغفرت و
بي حساب
جنت الفردوس
۾ آقا جو پاڙو



6 جمادي الاخري 1432هـ

## ٿي فرمان مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# والدين جي طرفان خيرات

”جڏهن توهان مان ڪو ڪجهه نفلي خيرات ڪري ته ان کي گهرجي ته پنهنجي ماءُ پيءُ جي طرفان ڪري ته انهن جو ثواب انهن کي ملندو ۽ ان جي (يعني خيرات ڪرڻ واري جي) ثواب ۾ ڪا به گهٽتائي نه ايندي.“ (شعب الايمان ج 6 ص205 حديث 7911)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# روزي ۾ بي برڪتي جو سبب

ٻانهو جڏهن ماءُ پيءُ جي لاءِ دعا گهرڻ ڇڏي ڏيندو آهي ته ان جو رزق قطع (يعني گهٽ) ٿي ويندو آهي. (ڪنزالعمال ج 16 ص 201 حديث 45548)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

# جمعي جو قبر جي زيارت جي فضيلت

جيڪو شخص جمعي جي ڏينهن پنهنجي والدين يا ان مان ڪنهن هڪ جي قبر جي زيارت ڪري ۽ انهن وٽ ياسين شريف پڙهي ته بخشيو ويندو. (ابن عدي في الکامل ج 6 ص260)

لاج رکھ لے گنہگاروں کی نام رحمٰن ہے ترا یارب!

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ ڪورِيَن (Korean) جو اسلام قبولڻ

**سنتن** جي تربيت لاءِ **عاشقانِ رسول** جو هڪ مدني قافلو ”ڪوريا“ جي هڪ علائقي ۾ ويو. اتي **هڪ غير مسلم ڪورين** مدني قافلي کي ڏسي ڪري پُڇا ڪئي: ڇا اوهان مسلمان آهيو؟ **مدني قافلي** وارن چيو: **اَلْحَمْدُلله** عَزَّوَجَلَّ اسان مسلمان آهيون. ان پُڇيو، هي اوهان جي مٿي تي ڇا بَدَل آهي؟ جواب ڏنو ويو هي عِمامو شريف آهي جيڪو اسان جي پياري پياري **نبي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنّت آهي، اهڙيءَ ريت ان ڏاڙهي شريف جي باري ۾ سوال ڪيو، ڪيس جواب مليو، اها بہ اسان جي **مٺي مٺي نبي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مٺي مٺي سنّت آهي، هو چوڻ لڳو: مون **اسلام** کي ڪتابن ۾ پڙهيو هو پر نظرن سان نہ ڏٺو هو، **اڄ پهريون ڀيرو اسلام جي عملي تصوير نظرن جي سامهون آئي آهي، جيڪا دل کي گهڻو پسند آئي آهي، مهرباني فرمائي مون کي ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪريو.**” **اَلْحَمْدُلله** عَزَّوَجَلَّ مدني قافلي وارن **عاشقانِ رسول** جي نوراني ڏاڙهين ۽ پُرنُور عِمامن سان جڳمڳ ڪندڙ، نور وسائيندڙ دلربا چهرن جي زيارت جي برڪت سان اهو ڪورِيَن (Korean) غير مسلم مسلمان ٿي ويو.

*ان کا دیوانہ عِمامہ اور زلف و رِیش میں*
*واہ! دیکھو تو سہی لگتا ہے کتنا شاندار*

(فيضانِ سنت، باب آدابِ طعام ج 1 ص 395)

